# سماجي ۽ معاشرتي Social رواداري

الله تعاليٰ سموري مخلوق ۾ انسان کي عزت ۽ شرف بخشيو آهي:
"ولقد كرمنا بني آدم وحملنا هم في البر والبحر" (٨) ترجمو: بيشڪ آدم جي اولاد کي شرف ڏنوسون ۽ کين پٽن ۽ دريائن ۾ کنيوسون.

مطلب ته انسان افضل ۽ اعليٰ مخلوق آهي ان کي گهمڻ لاءِ اسان سواري مهيا ڪئي آهي ۽ الله تعاليٰ حضرت انسان کي سهڻي صورت . شڪل شبيهه ڏئي پيدا ڪيو آهي، جيئن قرآن مجيد ۾ آهي: "لقد خلقنا الانسان في احسن تقويم" (٩) ترجمو: بيشڪ ماڻهوءَ کي تمام سهڻي انداز ۾ پيدا ڪيوسون. "يا ايهالناس انا خلقناكم من ذكر وانثي وجعلناكم شعوبا وقبائل لتعارفوا ان اكرمكم عندالله اتقاكم" (١٠) ترجمو: اي ماڻهو! بيشڪ اسان توهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو ۽ اوهان کي ذاتيون ۽ پاڙا ڪيوسون ته هڪ ٻئي کي سڃاڻيو. بيشڪ توهان مان تمام عزت وارو اهو آهي جيڪو وڌيڪ پرهيزگار آهي.

انسان سڀ قابل احترام آهن. انهن ۾ رنگ، نسل، مذهب ۽ علائقي جو فرق نه آهي. جنهن کي موجوده زماني ۾ انساني حقوق (Human Right) چئجي. حقيقت ۾ انساني حقن جي باري ۾ نبي ڪريم ﷺ جو حجت الوداع جي موقع تي خطبي کي انساني حقن جو پهريون چارٽر (First Human Right Declaration) قرار ڏنو وڃي ته بلڪل صحيح ٿيندو.

انهيءَ موقعي تي نبي ڪريم ﷺ فرمايو: "ان ربكم واحد، ان اباكم واحد، كلكم لادم وآدم من تراب، اكرمكم عند الله اتقاكم، ليس لعربي فضل علي عجمي الابالتقويٰ" (١١) ترجمو: بيشڪ توهان جو رب هڪ آهي. توهان جو پيءُ هڪ آهي. توهان سڀئي آدم مان آهيو ۽

آدم مٽيءَ مان آهي. توهان مان عزت وارو اهو آهي جيڪو پرهيزگار آهي. عربي کي عجميءَ تي فضيلت نہ آهي مگر تقويٰ جي ڪري.
انهن سيني ڳالهين تي مهر ثبت هن آيت مبارڪ سان ٿئي ٿي "وكتبنا عليهم فيها ان النفس بالنفس والعين بالعين والانف بالانف والاذن بالاذن والسن بالسن والجروح قصاص" (١٢) ترجمو: انهن جي (اڳين امتن) مٿان لازم ڪيو سين. ماڻهو جو عيوض ماڻهو. اک جو عيوض اک. نڪ جو عيوض نڪ. ڪن جو عيوض ڪن. ڏندن جو عيوض ڏند ۽ زخمن جو عيوص اوتروئي زخم آهي.

## مذهبي رواداري Religion Toleracne

اسلام يا مسلمانن جي حڪومت ۾ علائقي ۾ ٻين مذهب وارن کي پنهنجن عبادتن، رسمن ۽ طريقن تي عمل ڪرڻ ۾ آزادي حاصل آهي.
الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي: "لكم دينكم ولي يدين" (١٣) اوهان لاءِ اوهان جو دين ۽ منهنجي لاءِ منهنجو دين.
ٻي جڳهہ تي فرمان الاهي آهي: "وقل الحق من ربكم، فمن شاء فليومن ومن شاء فليكفر" (١۴) ۽ چو اوهان جي پالڻهار وٽان حق (قرآن) آيل آهي. پوءِ جنهن کي وڻي سو ايمان آڻي ۽ جنهن کي وڻي سو نہ مڃي.
الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي: "لااكراه في الدين" (١٥) ترجمو: دين (مذهب) ۾ زور زبردستي نہ آهي. انهيءَ آيت جي نزول جو سبب سنن ابي دائود ۾ آهي: "كانت المرات تكون مقلات، فتجعل علي نفسها، ان عاش لها ولد، ان تهوده. فلما اجليت بنونضير، كان فيهم من ابناءُ الانصار. فقالوا: لاندع ابناء نا فانزل الله عز وجل (لا اكراه في الدين قد تبين الرشد من الغي)" (١٦) ترجمو: (مدينہ منوره ۾ جاهليت واري دور ۾) جنهن عورت جا ٻار گهٽ ٻچندا هئا. اها باس باسيندي هئي تہ جيڪڏهن منهنجو ٻار زنده رهيو تہ ان کي يهودي

"وقولوا قولا سديدا" (١٨) ترجمو: ۽ سڌي ڳالهه چئو.
بي جڳهه تي فرمان الاهي آهي: "ولاتسبوا الذين يدعون من دون الله فيسبوا الله عدوا بغير علم" (١٩) ترجمو: ۽ جيڪي الله تعاليٰ کان سواءِ ٻين معبودن کي سڏيندا آهن. انهن کي برو ڀلو نه چئو. (نه ته) اهي ناداني ۾ الله تعاليٰ کي برو ڀلو چئي ويهندا.
مٿين (مذڪوره) آيت جي تفسير ۾ علامه قرطبي لکي ٿو: "فلايحل لمسلم ان يسب صلبانهم ولادينهم ولاكنائسهم ولايتعرض الي مايودي الي ذالک" (٢٠) ترجمو: مسلمان کي جائز (روا) نه آهي ته پنهنجي مخالفن جي صليبن. انهن جي دين (Religion) ۽ انهن جي عبادتگاهن کي گهٽ وڌ ڳالهائين. ۽ انهن لاءِ هيءَ به روا نه آهي ته اهڙو ڪم ڪن جيڪو اهو نتيجو ڏي.
الله تعاليٰ اهل ڪتاب جي باري ۾ فرمايو آهي: "ولاتجادلوا اهل الكتاب الا بالتي هي احسن" (٢١) ترجمو: ۽ (اي مسلمانو!) اهل ڪتاب وارن سان بحث نه ڪريو سواءِ هن جي جو اهو سٺو ۽ اخلاق وارو هجي.
نبي ڪريم ﷺ جو چڱي گفتگو بابت عمومي فرمان آهي: "من كان يومن بالله واليوم الاخر فليقل خيرا اوليسكت" (٢٢) ترجمو: توهان مان جنهن الله تعاليٰ تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آندو آهي اهو چڱو چوي يا خاموش رهي.
**اسلام ۾ فتني بازي کان دوري:** فتنو انسانيت جو دشمن آهي. انهيءَ ڪري ئي الله تعاليٰ فتني کي قتل کان وڌيڪ خطرناڪ قرار ڏنو آهي: "والفتنت اشد من القتل" (٢٣) ترجمو: فتنو قتل کان وڌيڪ سخت (خراب) آهي.
فتني پيدا ٿيڻ جو سبب زبان (خراب گفتگو) آهي. انهيءَ ڪري نبي ڪريم ﷺ فرمايو آهي: "اياكم والفتن فان اللسان فيها مثل وقع السيف" (٢٤) توهان فتني کان بچو. زبان (خراب چوڻ) فتني کي ائين

وڌائيندي آهي جيئن تلوار وڍيندڙ کي.

فسادين جي باري ۾ الله تعاليٰ موسيٰ عليه السلام جي نصيحت نقل فرمائي ٿو. جڏهن قارون کي سمجهائيندي چئي هئائين "واحسن کما احسن الله اليک ولاتبغ الفساد في الارض، ان الله لايحب المفسدين" (٢٥) ترجمو: جهڙيءَ طرح الله تعاليٰ توسان چڱائي ڪئي آهي اهڙيءَ طرح (ماڻهن سان) چڱائي ڪر ۽ زمين ۾ فساد وجهڻ نه گهر. ڇوته الله تعاليٰ فسادين کي دوست نه رکندو آهي.

فتني کان بچڻ جي لاءِ نبي ڪريم ﷺ جو فرمان آهي: "قال رسول الله ﷺ انها ستکون فتنت يکون المضطجع فيها خيرا من الجالس والجالس خيرا من القائم والقائم خيرا من الماشي والماشي خيرا من الساعي. (٢٦) ترجمو: حضرت رسول الله ﷺ فرمايو. بيشڪ فتني جي وقت ماڻهن جو سمهي رهڻ ويهڻ کان ڀلو آهي. ويهڻ وري بيهي رهڻ کان بهتر آهي. بيهي رهڻ وري گهمڻ کان بهتر آهي ۽ گهمڻ وري ڊوڙڻ (ڊڪڻ) کان بهتر آهي. يعني ماڻهو فتني کان پنهنجو پاڻ کي پري رکي ۽ فتني کان بچڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري.

نه صرف فتنو پر الله تعاليٰ وٽ هر خراب ڪم ناپسنديده آهي. فرمان الاهي آهي: "وکل ذالک کان سيئہ عند ربک مکروها" (٢٧) ترجمو: انهن سڀني (خراب عادتن) جي بڇڙائي تنهنجي پالڻهار (رب تعاليٰ) وٽ ناپسند آهي.

## سياسي Poltical رواداري

اسلام هڪ عالمي ۽ آفاقي مذهب آهي. حضرت محمد ڪريم ﷺ سموري انسانيت جي ڀلائي لاءِ پيغمبر ۽ رسول ڪري موڪليو ويو: "وما ارسلناک الا رحمت للعالمين" (٢٨) ترجمو: اي پيغمبر! توکي جهانن لاءِ رحمت بڻائي موڪليوسون.

اسلام دين حيات آهي ۽ زندگيءَ کي سڪارتي ڪرڻ وارو دين آهي. انهيءَ جا سڀ حڪم (Order) ۽ ڪم قابل عمل آهن. جيئن فرمان باري تعاليٰ آهي: "لايكلف الله نفسا الا وسعها" (٢٩) (الله تعاليٰ) ڪنهن کي سندس وس کان وڌيڪ تڪليف (آزمائش) نه ڏيندو آهي.
ٻيو فرمان الاهي آهي: "يريد الله بكم اليسر ولايريد بكم العسر" (٣٠) الله تعاليٰ اوهان تي آساني ڪرڻ گهرندو آهي ۽ اوهان تي ڏکيائي ڪرڻ نه گهرندو آهي.
جڏهن اسلام دين حيات آهي ته پوءِ سياست ۽ اسلام پاڻ ۾ لازم ۽ ملزوم آهن. اسان کي پنهنجي زندگي الله تعاليٰ جي ٻڌايل طريقي مطابق گذارڻ گهرجي. انهيءَ جو بيان هيٺين ٽن آيتن ۾ واضح طرح آيل آهي: "ومن لم يحكم بما انزل الله فاولائک هم الكافرون" (٣١) ۽ جيڪي پنهنجا فيصلا (نبيرا) الله جي لاٿل حڪمن (قرآن) مطابق نه ڪندا. سي ڪافر آهن. "ومن لم يحكم بما انزل الله فاولائک هم الظالمون" (٣٢) ۽ جيڪي پنهنجا فيصلا (نبيرا) الله جي لاٿل حڪمن (قرآن) مطابق نه ڪندا. سي ظالم آهن. "ومن لم يحكم بما انزل الله فاولائک هم الفاسقون" (٣٣) ۽ جيڪي پنهنجا فيصلا (نبيري) الله جي لاٿل حڪمن (قرآن) مطابق نه ڪندا. سي بدڪار آهن.
مٿين آيتن مان ثابت ٿيو ته ماڻهو زندگي جا سيئي معاملا. اهي مسلمان سان هجن توڙي ڪافرن سان قرآن مطابق حل ڪرن. اٿين نه ڪندڙ ڪافر. ظالم ۽ بدڪار آهن.
نبي ڪريم ﷺ کي الله تعاليٰ جڏهن نبوت عطا ڪئي ته پاڻ ڪريم ﷺ کي دين جي تبليغ ۽ اشاعت ۾ ڪيترين ئي مشڪلاتون پيش آيون. پاڻ ﷺ انهن کي عطا ڪيل ڏاهپ. دانائي. الهامي ۽ سياسي انداز ۾ حل ڪيو. جنهن جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

پاڻ يهودي جو حق سمجهندي فيصلو سندس حق ۾ ڪرڻ فرمايو: "ان عمر بن الخطاب اختصم اليہ مسلم و يهودي فراي عمر ان الحق لليهودي فقضي لہ" (٣٥) ترجمو: حضرت عمر فاروق رضہ وٽ مسلمان ۽ يهودي جي جهيڙي جو فيصلو آندو ويو. حضرت عمر فاروق رضہ يهودي جو حق سمجهندي فيصلو سندس حق ۾ ڏيڻ فرمايو.

اهڙن ٻين واقعن سان اسلامي تاريخ ڀري پئي آهي جنهن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ ۽ سندن ساٿين سياسي فيصلا اهڙي انصاف وارا ڪرڻ فرمايا جنهن سان مسلمانن کي معاشري ۾ عزت ۽ وقار حاصل ٿيو ۽ مذهبي ۽ معاشرتي رواداري بہ قائم ٿي.

چڱو چوڻ ۽ برائين کان روڪڻ مسلمانن جي خوبي ۽ اسلامي حڪم آهي. حديث شريف آهي: "من راي منكم منكرا فلينكره بيده، وان لم يستطع فبلسانہ وان لم يستطع فبقلبہ وذالک اضعف الايمان" (٣٦) توهان مان جيڪڏهن ڪو برائي کي ڏسي تہ هٿ (طاقت) سان انهيءَ کي وائڪو ڪري يعني روڪي. جيڪڏهن هٿ سان روڪڻ جي ڪيس طاقت نہ آهي تہ زبان سان روڪي ۽ جيڪڏهن ڪيس زبان سان روڪڻ جي طاقت بہ نہ آهي تہ پوءِ انهيءَ (برائيءَ) کي دل ۾ خراب سمجهي. اها ڪمزور ايمان جي نشاني آهي.

چڱي چوڻ ۾ مرد ۽ عورتون. مسلمان ۽ غير مسلم سڀئي شامل آهن. انهيءَ باري ۾ الله تعالي فرمائي ٿو: "والمومنون والمومنات بعضهم اولياء بعض، يامرون بالمعروف وينهون عن المنكر" (٣٧) مومن ۽ مومنياڻيون پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا مددگار آهن. چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا آهن ۽ برن ڪمن کان روڪيندا آهن.

ٻيو فرمايو الاهي آهي: "كنتم خير امت اخرجت للناس تامرون بالمعروف وتنهون عن المنكر" (٣٨) اوهين (ماڻهن جي ڀلي لاءِ) اهڙي ڀلي امت پيدا ٿيل آهيو جو چڱائي جو حڪم ڪندا آهيو ۽ برن

ڪمن کان روڪيندا آهيو.
چڱن ماڻهن جي خوبي بيان ڪندي فرمايو ويو آهي تہ اهي مشوري سان ڪم ڪندا آهن، چڱن جي مشوري ۾ چڱائي آهي، ائين ڪرڻ سان ماڻهو ڄاڻي واڻي توڙي اڻ ڄاڻائي ۾ غلط ڪمن کان بچيل رهي ٿو. الله تعاليٰ مشوري جو حڪم ڏيندي فرمايو آهي: "والذين استجابوا لربهم واقاموا الصلوات وامرهم شوريٰ بينهم" (٣٩) ۽ جن پنهنجي پالڻهار جو حڪم مڃيو تہ نماز پڙهي ۽ سندن ڪم پاڻ ۾ صلاح سان هوندو آهي.
پيغمبر ۽ رسول شان ۽ مرتبي ۾ اتم آهن، وري آخري پيغمبر ۽ رسول حضرت محمد ڪريم ﷺ سموري انسانيت ۾ افضل ۽ اعليٰ آهي، اهڙي اعليٰ شان واري ماڻهو کي بہ الله حڪم ڪيو تہ توهان پنهنجي ساٿين (صحابين) سان صلاح ۽ مشورو ڪريو: "وشاورهم في الامر" (٤٠) ۽ ساڻن ڪم ۾ صلاح ڪر.
اڄوڪي دور جي عام چاهي خاص کي وڏيڪ احتياط ڪرڻ جي ضرورت آهي، انهن لاءِ هر ڪم ۾ مشورو وٺڻ لازمي آهي.

## معاشي Ecnomic رواداري

انسانن جي ضروريات زندگي لاءِ الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ بنيادي اصول ٻڌايا آهن. جيڪي شيون ماڻهو کائڻ ۽ پيئڻ ۾ استعمال ڪن ٿا، انهن جي زندگي ۾ سڀ کان وڌيڪ ضرورت پوي ٿي. جنهن کي رزق ۽ روزي چئجي ٿو. الله تعاليٰ رزق جي باري ۾ فرمايو آهي: "وما من دابت في الارض الا علي الله رزقها" (٤١) ترجمو: ۽ ڪو چرندڙ زمين ۾ آهي ئي نہ پر سندس روزي الله تي آهي.
الله تعاليٰ جي حڪم سان رات ۽ ڏينهن جي متاستا ٿئي ٿي، ڏينهن کي الله تعاليٰ رزق حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻايو آهي، ڪي ڊاڪٽر آهن، ڪي انجنيئر آهن، ڪر مزدور، آهن ڪي هاري آهن، ڪي

زميندار آهن، ڪي ڪاروبار ۾ مصروف آهن، ڪي سفري سهولتون مهيا ڪرڻ تي آهن، وغيره.

جيڪي ماڻهو روز مره جون شيون مهيا ڪن ٿا انهن کي واپاري ۽ انهن شين جي ڏيتي ليتي کي واپار (Trade) چئجي ٿو. الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ هڪ اصول ٻڌايو آهي: "احل الله البيع وحرم الربا" (٤٣) ترجمو: الله تعاليٰ واپار کي حلال ۽ وياج کي حرام ڪيو آهي.

۽ صحيح واپار ڪندڙ لاءِ حديث شريف آهي: "عن النبي ﷺ قال التاجر الصدوق الامين مع النبيين والصديقين والشهداءِ" (٤٤) ترجمو: نبي ڪريم ﷺ فرمايو سچو ۽ امانتدار واپاري (قيامت ڏينهن) نبين، صديقن ۽ شهيدن سان گڏ هوندو.

واپار ۾ کوٽ ۽ بي ايماني ڪندڙن لاءِ وري سخت وعيد (Warning) آيل آهي. مديني جو معاشرو جاهليت ۾ واپار جي معاملن ۾ حد کان وڌيڪ غير ذميوار ۽ غير متوازن هيو. الله تعاليٰ انهن کي سخت تنبيهه ڪرڻ فرمائي: "لما قدم النبي صلي الله عليہ وسلم المدينۃ كانوا من اخبث الناس كيلا، فانزل الله سبحانہ "ويل للمطففين الذين اذا اكتالوا علي الناس يستوفون، واذا كالوهم اووزنوهم يخسرون" (٤٥) ترجمو: جڏهن نبي ڪريم ﷺ مدينه هجرت ڪري آيا ته اتي واپار (تور) ۾ انتهائي بي ايمان هئا. پوءِ الله تعاليٰ (انهن جي هدايت لاءِ) هي آيتون نازل ڪرڻ فرمايون: "تور ۽ ماپ ۾ گهٽ ڪري ڏيندڙن لاءِ ويل آهي. اهي جڏهن ماڻهن کان وٺندا آهن ته پورو ڪري وٺندا آهن ۽ جڏهن انهن کي ڀري ڏيندا آهن يا ڪين توري ڏيندا آهن ته گهٽائي ڏيندا آهن.

دنيا ۾ سڀني ماڻهن جي آمدني هڪ جيتري نه آهي. ڪي مالدار آهن ته ڪي وري مسڪين ۽ فقير. پر مالدارن جي ملڪيت ۾ الله تعاليٰ مسڪينن، فقيرن ۽ ضرورتمندن جو حصو رکيو آهي، زڪوات به انهيءَ حصي ۾ شامل آهي.

الله تعاليٰ جي رضا خاطر جاني قرباني سان گڏ مالي قرباني جي ترغيب لاءِ قرآن مجيد ۾ ڪيترين آيتون آيل آهن. الله تعاليٰ فرمائي ٿو: "ان الله اشتريٰ من المومنين انفسهم واموالهم بان لهم الجنت" (٤٦) ترجمو: الله مومنن کان سندن جان ۽ سندن مال هن ڪري ورتا جو پڪ بهشت انهن لاءِ آهي.

ٻي جڳهه تي فرمان باري تعاليٰ آهي: "ان المصدقين والمصدقات واقرضوا الله قرضا حسنا يضاعف لهم ولهم اجر كريم" (٤٧) ترجمو: بيشڪ خيرات ڏيندڙن ۽ خيرات ڏيڻ وارين کي ۽ جن الله کي سهڻو قرض ڏنو آهي. انهن کي ٻيڻو ڪري ڏبو ۽ انهن لاءِ سڳورو اجر آهي.

ٻي جڳهه تي فرمان الاهي آهي: "وفي اموالهم حق للسائل والمحروم" (٤٨) ترجمو: ۽ سندن مالن ۾ سوال ڪندڙ ۽ نه سوال ڪندڙ محتاجن جو حصو آهي. مولانا عبدالوهاب چاچڙ انهيءَ آيت جو تفسير هن طرح ڪيو آهي. "مال جيڪي پنهنجي گهرجي ضرورت کان وڌيڪ آهي اهو ٻين مسڪينن جو حق سمجهي انهن کي ڏين ٿا ۽ سمجهن ٿا ته الله تعاليٰ محلي يا شهر جو وڏو ڪري ٻين ماڻهن جا رزق ڪيس ڏنا آهن ته انهن ۾ انصاف سان ورهائي." (49) .

پر بدقسمتيءَ سان مسلمانن زڪوات، خيرات ۽ صدقو ڏيڻ ۾ هٿ گهٽو پوئتي هٽائي ڇڏيو آهي. جنهن ڪري معاشري ۾ ناهمواري جو ماحول قائم ٿيو آهي. جيڪڏهن دولتمند ۽ صاحب حيثيت ماڻهو زڪوات، خيرات ۽ صدقو الله تعاليٰ جي ٻڌايل اصولن پٽاندڙ ڏين ته معاشي ناهمواري پاڻ ئي پاڻ ختم ٿي وڃي ۽ معاشي رواداري قائم ٿي پوي.

الله تعاليٰ مسلمانن کي انصاف قائم ڪرڻ ۽ صحيح صحيح زڪوات، خيرات ۽ صدقو ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

# حوالا

1- سورت ابراهيم آيت 1
2- سورت آل عمران آيت 110
3- سورت نساء آيت 89
4- علامہ حسين بن مسعود بغوي، معالم التزيل، عربي، ص 458 جلد 1، دارالمعرفت بيروت، چاپو بيو سال 1987
5- مسلم بن حجاج، صحيح مسلم، عربي، ص 213 جلد2، مطبع عليمي دهلي، سال 1348هـ
6- ايضا
7- سورت مائده آيت 2
8- سورت بني اسرائيل آيت 70 سيپارو 15
9- سورت تين آيت 4 سيپارو 30
10- سورت حجرات آيت 132
11- شيخ محمد الخضري، نوراليقين في سيرت سيد المرسلين، عربي، ص 282، مير محمد كتب خانہ كراچي
12- سورت مائده آيت 45
13- سورت كافرون آيت 6
14- سورت كهف آيت 29
15- سورت بقره آيت 256
16- سليمان بن اشعث، سنن ابي دائود، عربي، ص 53 - 54 جلد 2، مطبوعہ سركت مكتبہ مصر، طبع اول سال 1952
17- سعيد حوٰي، الاساس في التفسير، عربي، ص 601 جلد ؟، داراسلام مصر، چاپو ٽيون سال 1999
18- سورت احزاب آيت 70
19- سورت انعام آيت 9
20- محمد بن احمد قرطبي، الجامع لاحكام القرآن، عربي، ص 67 حصو 7، دارالشعب قاره مصر، چاپو بيو سال 1372هـ
21- سورت عنكبوت آيت 46
22- محمد بن يزيد قزويني، سنن ابن ماجہ، عربي، ص 294، سعيد كمپني كراچي

23- سورت بقره آيت 191
24- امحمد بن يزيد قزويني، سنن ا· ماجہ، عربي، ص 294، سعيد كمپني كراچي
25- سورت قصص آيت 77
26- سليمان بن اشعث، سنن ابي دائود، عربي، ص 414 جلد 2، مطبوعہ سركت مكتبہ مصر، طبع اول سال 1952
27- سورت بني اسرائيل آيت 38
28- سورت انبياءِ آيت 108
29- سورت بقره آيت 286
30- سورت بقره آيت 185
31- سورت مائده آيت 44
32- سورت مائده آيت 45
33- سورت مائده آيت 47
34- ابو عبدالله محمد بن ماجہ، سنن ابن ماجہ شرح ابي الحسن الكبير السندي، عربي، ج 4 ص 340، ناشر دارالمعرفت بيروت سال 1996
35- امام مالک، موطا امام مالک، عربي، ناشر قديمي كتب خانہ كراچي
36- ابو عيسىٰ محمد بن عيسىٰ ترمذي، سنن ترمذي، عربي، ج 2 ص 140، ناشر مجتبائي دهلي، سال 1940
37- سورت توبہ آيت 71
38- سورت آل عمران آيت 110
39- سورت شورىٰ آيت 38
40- سورت آل عمران آيت 159
41- سورت هود آيت 6
42- سورت نبا آيت 11
43- سورت بقره آيت 275
44- مسند دارمي باب في التاجر الصدوق حديث نمبر 242
45- سورت مطففين آيت 1، 2، 3
46- سورت توبہ آيت 111
47- سورت حديد آيت 18
48- سورت ذاريات آيت 17
49- مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ، تفسير سهل البيان، سنڌي، ص 1402، ناشر سنڌيكا اكيڊمي كراچي، ڇاپو پهريون سال 2004

سیرت طیبہ ﷺ اسوۂ حسنہ کے اوصاف حمیدہ سے شاہ بھٹائی کو جو عشق تھا شاہ جو رسالو کا ہر باب اسی عشق کا مظہر ہے۔ مثلاً پہلا باب جو سر کلیاں کے نام سے موسوم ہے اس کے کئی ذیلی حصے ہیں جن کو داستانوں کا نام دیا گیا ہے۔ اس پورے سر کلیان میں نعتیہ بیتوں کی جو معنویت ہے وہ درج ذیل ترجموں میں ملاحظہ ہو۔

اگر اللہ پر رکھتے ہو ایماں
رسول اللہ سے بھی لو لگاؤ
سمائے جس میں ان دونوں کا سودا
کسی در پر نہ اس سر کو جھکاؤ
جنہوں نے دل سے اس یکتا کو مانا
محمد ﷺ کو بصد اخلاص جانا
نہ ان کو کوئی گمراہی کا خطرہ
نہ ان سے دور ہے ان کا ٹھکانا
کامل ایماں کے ساتھ جس نے بھی
دل سے مانا زباں سے مانا
جس کی خاطر بنی ہے یہ دنیا
اسی محمد ﷺ کا مرتبہ جانا
فوقیت اس کو دوسروں پر ملی
اپنی ہستی کو اس نے پہچانا

تحریر: آفاق احمد صدیقی

# تعارف جامعہ بنوریہ

## جامعہ بنوریہ ایک نظر میں

| | | |
|---|---|---|
| ۱۔ | قیام | ۱۳۹۸ھ بمطابق 1978ء |
| ۲۔ | رقبہ | بارہ ایکڑ |
| ۳۔ | بنیاد | محدث کبیر مولانا محمد یوسف بنوریؒ |
| ۴۔ | سرپرست | قاری عبدالحلیم صاحب |
| ۵۔ | مہتمم | مولانا مفتی محمد نعیم مدظلہ العالی |
| ۶۔ | فتاویٰ کی تعداد | ۵۰۰۰۰ ہزار |
| ۷۔ | جرائد | دو عدد۔ ماہنامہ البنوریہ (اردو، انگلش)<br>ہفت روزہ اخبار المدارس |
| ۸۔ | قیام وطعام کے طلباء کی تعداد | ۳۰۰۰ ہزار |
| ۹۔ | ذیلی تعلیمی اداروں کی تعداد | ۹ عدد |
| ۱۰۔ | ذیلی تعلیمی اداروں میں طلباء کی تعداد | ۲۵۰۰ |
| ۱۱۔ | اساتذہ ودیگر ملازمین کی تعداد | ۱۴۵ |
| ۱۲۔ | مجموعی طلباء کی تعداد | ۵۵۰۰ |
| ۱۳۔ | سالانہ اخراجات | ایک کروڑ ساٹھ لاکھ |

## جامعہ بنوریہ، حضرت بنوریؒ کی یادگار

''جامعہ بنوریہ'' دارالعلوم دیوبند کی طرز پر قائم کیا گیا ایک دینی مذہبی اور منفرد ادارہ ہے جس کی نسبت محدث کبیر حضرت مولانا سید محمد یوسف البنوریؒ کی طرف ہے۔ جو محدث العصر حضرت علامہ انور شاہ کشمیریؒ کے علوم ومعارف کے وارث عاشق رسول مجاہد ختم نبوت عظیم مصنف قادر الکلام جرأت و استقامت کے پیکر تھے اور یہ ادارہ حضرت بنوریؒ کے جانشین حضرت مولانا مفتی احمد الرحمانؒ، حضرت مولانا مفتی ولی حسن ٹونکیؒ مفتی اعظم پاکستان حضرت

مولانا ڈاکٹر حبیب اللہ مختارؒ کی خصوصی دعاؤں کا ثمر ہے۔ اور یہ دار العلوم کا روشن ستارہ علماء حق کی ترجمان مسلک اہل سنت کا امین ہے جس نے بہت ہی قلیل عرصہ میں بین الاقوامی شہرت حاصل کر لی یہ شہرت ان علماء ربانیین کی دعاؤں اور جد و جہد کا کرشمہ ہے۔

مصائب و آلام کی باوجود علماء حق اپنی دینی اور مذہبی منزل کی طرف رواں دواں رہے ہیں۔ اور آج بھی ہر ظالم و جابر حکومت اور اعداء اسلام کی سازشوں کے باوجود دین کی شمع کی حفاظت کر رہے ہیں۔

تبلیغ کی اشاعت کے عظیم مقصد کے لئے ان علماء حق نے جگہ جگہ دینی مدارس قائم کئے یہ مدارس دینیہ وقت کی اہم ضرورت ہیں اور درحقیقت یہ دین کے قلعے ہیں جہاں مسلمانوں کے عقائد کی درستگی اور ان کے اعمال وعبادات کی اصلاح کے طریقے بتائے جاتے ہیں اور ان کے دین کو محفوظ رکھا جاتا ہے۔ جہاں حق وصداقت، صدق وفا، علم وعرفان کے چشمے بہتے ہیں اور علوم دینیہ خصوصاً قرآن کریم اور حدیث نبوی ﷺ کی تعلیم سے مسلمانوں کے بچوں کو آراستہ کیا جاتا ہے جس پر ہر مسلمان بجا طور پر فخر کرتا ہے اور علماء کرام کا شکر گذار ہوتا ہے کہ وہ تمام مسلمانوں کی طرف سے یہ فریضہ انجام دے رہے ہیں۔

دینی مدارس جو وقت کی اہم ضرورت ہیں، ان کی ضرورت ہر دور میں محسوس کی جاتی رہی ہے۔ یہاں تک کے حضور اقدس ﷺ کے اپنے ابتدائی دور میں جب کفار مکہ نے آپ کو دعوت وتبلیغ سے روکنے کی کوشش کی اور آپ کی راہ میں ہر طرح کی رکاوٹیں کھڑی کیں تو اس وقت حضرت زید بن ارقمؓ کے گھر میں ایک مدرسہ کی بنیاد رکھی گئی جسے دار ارقم سے یاد کیا گیا جہاں ایمان وایمانیات کی دعوت دی جاتی تھی اور اس کے بعد مدینہ منورہ میں مسجد نبوی کے ساتھ ایک چبوترہ بنا کر باقاعدہ اقامتی اور رہائشی مدرسہ کی بنا رکھی گئی جسے صفہ کے نام سے یاد کیا گیا۔

جامعہ بنوریہ کی تاسیس: حضرت مولانا مفتی محمد نعیم صاحب جن کی تعلیم وتربیت اپنے والد محترم حضرت قبلہ قاری عبدالحلیم صاحب دامت برکاتہم العالیہ کے علاوہ محدث العصر حضرت مولانا سید محمد یوسف بنوریؒ، حضرت مولانا مفتی احمد الرحمٰن صاحبؒ، حضرت مولانا مفتی ولی حسن ٹونکیؒ، حضرت مولانا ڈاکٹر حبیب اللہ مختارؒ، حضرت مولانا محمد ادریس میرٹھیؒ، حضرت مولانا مصباح اللہ شاہ صاحبؒ نے کی اور اپنی ہی خواہش اور حکم پر سائٹ جیسے جنگل نما علاقہ